مٿي آهن ۽ پوءِ توهان بہ انهن وانگي ٿيڻ لاءِ نڪري ويندا آهيو جڏهن تہ هڪ مسلمان جي لاءِ آئيڊيل شخصيت حضرت محمد ﷺ آهن،جئين تہ قرآن ۾ ارشاد آهي (لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة)

اسان کي تہ نبي پاڪ ﷺ جي پيروي ڪرڻ گهرجي، پر ان جي ابتڙ اسان اهڙن ماڻهن کي پسند ڪندا آهيون جيڪي پيسي ۽ طاقت ۾ پنهجو مقام رکن ٿا اسان انهن جي تعريف ڪندا آهيون. حالانڪ اسان انهن جي حالت مان خوب واقف هوندا آهيون تہ اهڙا ماڻهو نہ سڪون سان سمهي سگهندا آهن نہ آزادي سان گهمي ڦري سگهندا آهن. من پسند کاڌا بہ انهن کي نصيب نہ ٿيندا آهن.انهن جي اولاد بہ انهن کان پري هوندي آهي ڇو تہ سڄي زندگي پيسي پويان ڊڪندا رهندا آهن. جڏهن تہ اولاد پيءُ جي شفقت کان محروم ٿڪا کائيندي ڪيئي غلط رستن تي هلي ويندي آهي.حالانڪ خوشي ۽ سڪون اهي توهان جي اندر جا جذبات آهن انهن جو توهان جي ٻاهري دنيا سان ڪو واسطو نہ آهي. ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي خوشي ۽ سڪون کي پنهنجن ٻاهرين معاملن سان تعلق رکي بہ ڇڏيو آهي تہ بہ خوشي توهان جي اندر مان ئي جنم وٺندي آهي اها ٻاهر کان نہ ايندي آهي ان کي تہ بس توهان جي توجهہ جي ضرورت آهي اها تہ توهان جي ڇهري تي وکيرڻ لاءِ ڪڏهن کان بيتاب آهي. دراصل توهان جي ۽ خوشين جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ موجود آهي تہ اهي توهان جون خواهشات آهن تجربو ڪري ڏسو جنهن لمحي توهان خواهشن مان نظر ڦيرائي ڇڏي لمحي خوشي توهان اندر محسوس ڪرڻ لڳندا . مان عرض ڪري چڪو آهيان تہ اها صرف توهانجي توجهہ جي منتظر آهي.

بحرحال پوءِ توهان پنهنجي زندگي جي حوالي سان جيڪڏهن ڪجهہ خواب سانديا آهن تہ انهن کي وکيرڙڻ نہ ڏيو توهان بيشڪ پنهنجي مقصد ڏانهن وڌيڪ هلو بس ان ڳالهہ جو خيال رهي تہ رستي جو انتخاب صحيح هجڻ گهرجي ورنہ هي توهان لاءِ وڏو نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو ، دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ.

مان پنهنجن انهن تمام پائرن ۽ ڀينرن کي التجا ڪران ٿو جيڪي پنهنجن تمام قوتن کي گڏ ڪري دنيا ڻاهڻ لاءِ لڳي ويا آهن توهان بيشڪ پنهنجو ڪم جاري رکو دنيا تہ نهي ويندي .........پر توهان جو ڇا؟؟؟؟

پنهنجي لاءِ بہ ڪجهہ وقت ڪيو پنهنجي مستقبل لاءِ سوچيو ڏينهن رات ۾ هڪ ڪلاڪ بہ گهڻو آهي جيڪو توهان آساني سان ڪڍي سگهو ۽ الله رب العزت جي آخري پيغام کي لازمي پڙهو جيڪڏهن

توهان کي عربي زبان نہ ٿي اچي تہ توهان پنهنجي زبان ۾ قرآن جو مطالعو ڪريو ، سمجهو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو .

ءقيامت جي ڏينهن رسولﷺ فرمائيندا يا الله بيشڪ مهنجي امت قرآن کي ڇڏي رکيو هو.

**Article Link** http://www.mirfatehalishah.com/articles/post.php?id=2080
**Join us on facebook** https://www.facebook.com/mirfatehalishah

**www.mirfatehalishah.com**

PDFmyURL easily turns web pages and even entire websites into PDF!
PDFmyURL